12:36

۷۸۶
۹۲

# مُتَبَرَّک نعتوں



مرتب و شائع کنندہ:

علامہ عبدالوحید جان "عبد" سرہندی

مشهور و معروف نعت گو
شعراء ڪرام جي نعتن جو مجموعو

# متبرڪ نعتون

مرتب ۽ شائع ڪندڙ

حضرت علامہ عبدالوحيد جان "عبد" سرهندي
مهتمم و مدرس
جامعہ مجدديہ سرهنديہ دارالاشاد
درگاهہ سرهنديہ ٽنڊو سائينداد
تعلقہ ٽنڊو محمد خان، ضلع حيدرآباد
سنڌ

Marfat.com

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# متبرڪ نعتون

84638

**مرتب ومؤلف**

صاحبزاده آغا عبدالوحيدجان سرهندي

**ڇپائيندڙ**

قاضي عبدالقدوس راڄڙ صاحب

سال اشاعت ...... مئي ٢٠١٠ء

ايڊيشن ...... پهريون

تعداد: ...... ٢٠٠٠

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

درگاه سرهنديه ٽنڊو سائين داد

**ناشر**

جامعه مجدديه دارالارشاد

درگاه عاليه سرهنديه ٽنڊو سائين داد

ضلع ٽنڊو محمد خان حيدرآباد پاڪستان

Web: www.sirhindi.info

Totaly Free Islami web site by Allama mufti Abdul Waheed Sirhandi Tando Sain Dad TM Khan Sindh Pakistan.

Marfat.com

٧٨٦
٩٢

# اِنتِسابُ

آئون بيحد عقيدت ۽ نهايت محبت سان، پنهنجي جد امجد صاحب فضيلت و معرفت قطب زمان، قيوم دوران، عمدة العلماء، زينة الاصفياء، تاج الاولياء **حضرت خواجه محمد حسن جان** سرهندي مُجددي نقشبندي فاروقي قدس سره جن جي نالي مبارڪ سان هن ڪتاب کي منسوب ڪريان ٿو.

منهنجي لاءِ اهو اعزاز ۽ شرف ڪافي آهي.

از قلم
**عبده عبدالوحيد عفي عنه**
٢٠٠٠-٢-٢٨

Marfat.com

# سنڌي نعتون



Marfat.com

# نعت شريف

جڏهن پروردگاري حُڪم سان يومُ الحشر ٿيندو،
تڏهن حضرت محمد شافعِ جنّ و بَشر ٿيندو.

(۱)
آهن هٿ عاصين جا دامنِ پاڪ مُحمد ۾،
مِنو مُرسل مٿن تي مِهربان ۽ مِهرور ٿيندو.

(۲)
گُناهن ۾ گذيل آهيان، وسيلا واهه ڀي ڪانهي،
خدا جي واسطي مون تي به شفقت جو نظر ٿيندو.

(۳)
نڪيم ڪا بندگي پوري نڪيم ڪا طاعت مولىٰ،
توهان جي مدد سان سائين، ڏکي پل تان گذرَ ٿيندو.

(۴)
گُهران درگاهه حق جي مان هميشه روز شب دائم،
ڪميني تي ڪرم سان مِهرباني جو نظر ٿيندو.

(۵)
نَڪا ڀي واٽ آهي ڄوڙڪاري جي شفاعت ري،
شفاعت کان ڦِري جو سو هميشه دربدر هوندو.

(۶)
نہ ڪر ٻنو"پير" تون هرگز هلاڪي هول هيبت کان،
مُهابي مير مرسل جي مٿم سڙڪو سفر ٿيندو.

حضرت آغا عبدالستار جان سرهندي
ٽنڊو سائينداد



Marfat.com

# نعت شريف

مُنهن تنهنجي مُنور کيو محــراب بيتُ الله جو،
رُخ تنــهنجي روشــن کيــو تَجلو ڪـلامُ الله جو.

(۱)

جنهن جنت جاويد کي اوهان جي پسڻ لئي کيو ڦٽو،
هو همـيَشـه آرزو آدم صـفيُ الله جو.

(۲)

مـــوت مُهلت ڏي تہ مَن مُوٽي مَديني ۾ رَســـان،
پيـار سـان هيـڪـر پَسـان روضـو رسـولُ الله جو.

(۳)

جت ذات حق جو ظُهور هو، اُت مُصطفيٰ مسرور هو،
گم هوش تجليءَ طور کيـو مـوسيٰ ڪليم الله جو.

(۴)

آزاد تيــو در دوجهـان درد و غمن کـان بي گـمـان،
پاڙو قـبـوليـو پير جنهن حُب مـان حـبـيبُ الله جو.

حضرت آغا عبدالستار جان سرهندي
ٽنڊو سائينداد



Marfat.com

# نعت شريف

رســـولُ الله جي روضي رســايو، مــونکي مــولا اچ،
پرين جي پاڪ پاڙي ۾ پڄايو، مـــون کي مـــولا اچ.

(۱)

مُشرف ڪئي مديني جي زيارت سان ضـعـيفن کي،
سفر جي سخت صدمن کان بچايو مون کي مولا اچ.

(۲)

اها لَبيڪُ جي للڪار، مون نئين مان نہ چئي آهي،
اڪـر ســاڳيــو ازل وارو، چوايو مـونکي مـولا اچ.

(۳)

الاهي منهنجو مـــدفن ڪر هتي جنت بَقيَہ ۾،
قيامت تائين رهان خوش جي رکايو مون کي مولا اچ.

(۴)

مُسلمانو ڏسو هي مهرباني مير مرسل جي،
سڏائي مون کي پنهنجي گهر گهُرايو مونکي مولا اچ.

(۵)

سڏڻ سردار جو بيشڪ سڏڻ الله جو آهي،
تيان چو ڪين مان نازان سڏايو مون کي مولا اچ.

(٦)

پرين پرور پسائين شال هر ڪنهن فرد مؤمن کي،
پرينءَ جو ديد جنين چئي پير پسايو مونکي مولا اچ.

حضرت آغا عبدالستار جان سرهندي ٽنڊوسائينداد



Marfat.com

# نعت شريف

مــديني پاڪ ڏي مــونکي گــهُرائيندو رســولُ الله،
چڱي سا چانئت چشــمن ســان چُمائيندو رســولُ الله.

(١)

سندس درجي گدائي لئي ٿيس حيــران يا قــســمت،
پيــارو پرت مـــان پنجرو پســـائيندو رســـولُ الله.

(٢)

مِنــو پاڻي مــديني جو، مِنــا مــاٽهــو مــديني جا،
سَرهي سپ خاڪ يثرب جي، سونگهائيندو رسولُ الله.

(٣)

بهــشــتي باغ بطحــا جا، مِنــا مصري ڪَنان مــيــوا،
گهـتـيـون گهر گام گولي کَي گهـمَـائيندو رسولُ الله.

(٤)

پرين جي پاڪ پاڙي ۾ رهي پرتوُن مــزا مـــاڻيـــان،
اهو آهي عـــرض **احمد** جو اگــهـــائيندو رســـول الله.

حضرت مولانا حافظ احمد جان سرهندي
ٽنڊو محمد خان



Marfat.com

# نعت شريف

مُحــمــد مــيــر مــدني کي مُکــو رحــمت کري مــولا،
سندن تعـــريف ۾ نازل ٿــيـــو کامل کلام الله.

(١)

اول ســــپني کنان، صـــاحب بنايو نُور نرملِ جو،
نبيءَ جي نُور مـــان پيـــدا ٿــيـــو آدم صَفُي الله.

(٢)

ڏکر ويو ڏيهــ مـــان، نکــري وڻــا بادل سندا برکت،
ملک مـــاڻهن مـــبـــارک چئي پلي آئين رســـولَ الله.

(٣)

ويو اونداهــ عـــالم تان، ٿـيـــو اســلام ســـان روشن،
ڪِريا ڪنگرا سندا ڪِســـري، ٿُٽن ڪـــان پاڪ بيتُ الله.

(٤)

ڏٺي دربار ۾ دعـــوت کري کوٺـــائيـــو دلبـــر،
ملک مـرسل عـجب ۾ پيا، چيو سيني سُبحان الله.

(٥)

شــفــاعت عـــام ۾ تُنهنجي آهي اُمـــيـــد احمد کـــي،
هُجن هردم مـــٿي حـــضـــرت صلواةُ الله ســـلامُ الله.

حضرت مولانا حافظ احمد جان سرهندي
ٽنڊو محمد خان



Marfat.com

# نعت شريف

تنهنجي قدمن تان قربان سڀڻ،
توتان صدقي منهنجي جان سڀڻ.

هڪ جان سندم اي جان جهان،
ڇا آهي جو گهوريان تنهنجي مٿان.
توتان گهوري جانيون سارو جهان،
توتان قربان ٿئي جي ڪون و مڪان،
تہ بہ تنهنجو اجان وڌ شان سڀڻ.....

تنهنجي خاڪِ قدم سڀ روءِ زمين،
ٿيا نو فلڪ تنهنجي زيرنگين،
توکي پيرين پوندل عرش برين،
تنهنجي راهہ جو چاڪر روح امين،
تنهنجو ساٿي خود سُبحان سڀڻ.....

توکي عالم جو ڪُل علم اتم،
تنهنجي علم ۾ قطرو جيئن قُلزم،
تنهنجي علم اڳيان ڇا لوح قلم،
توتي آهہ عيان ڪُل ڪتم عدم،
توتي پڌرو ڪُل پنهان سڀڻ.....



Marfat.com

توکي رب سڏي سو غات ڏني،
جيڪا تو گهري اُت ساتہ ڏني،
پر پي ٻہ اجان اُن ذات ڏني،
توکي ڏاتر هر ڪا ڏات ڏني،
توکي ڏاتر بخشيو دان سچڻ.....

توکي آکي جا انعام ڏني،
ساتہ مولئِ پنهنجي مامَ ڏني،
ڪَل ڪنهن کي اُنهيءَ جي ڪام ڏني،
سي خلق خدا تنهنجي سامَ ڏني،
تنهنجي جهولي منجهہ جهان سچڻ.....

تنهنجي جهولي ۾ پيو جملي جهان،
لڌو هر دو جهان ۾ امن و امان،
تنهنجي سام جا تيڙا ڀاڳ سوان،
لتا اونا **ابراهيم** چوان،
سريو عالم اطمينان سچڻ.

حضرت آغا محمد ابراهيم جان
گلزار خليل سامارو



Marfat.com

# نعت شريف

مـنڙو مـنڙو تنهنجو نام توتي سـهـسين صلواتون سـلام،
تنهنجو پيـار پـريو پيـغام توتي سـهين صلواتون سـلام،
يـا نـبـي   يـا نـبـي   يـا نـبـي   يـا نـبـي ...   ...

ڪفر ڪڍيو تو ملڪ مان ڪوري،ڪفر جا بُت پڃي ۽ پوري،
آندئي دين عـجب اسلام، توئي سـهـسين صلواتون سـلام.

دنيا سـپ ڪجهـ توڪان پرايو،ڪُل جڳ پنهنجو جهول پرايو،
سـپ ڪي سـپ ڏنئي انعام، توتي سـهـسين صلواتون سلام.

مـاڻهـو جن مـلائڪ سـارا، تو لئي جڙيا سـپ سـج چنڊ تارا،
اڻ ڪت خلق سندا اقـسـام، توتي سـهـسين صلواتون سـلام.

سـجدا توڪي وڻن ٽي ڪيـڙا، پيـرين توڪي اچي ٽي پيـڙا.
حڪم مڃيو ٽي ٽڙ ۽ لام، توتي سـهـسين صلواتون سلام.

جلـدي ابراهيم گـهـرائج پنهنجو روضـو پاڪ پسـائج،
آهي اڻ ڪُٺ جت آرام، توئي سـهـسين صلواتون سـلام.

حضرت آغا محمد ابراهيم جان سرهندي
گلزار خليل
سامارو



Marfat.com

# نعت مُصطفيٰ
## صلي الله عليه وآله وسلم

محمد مصطفيٰ آهي، حبيب ڪبريا آهي،
اهوئي ابتدا آهي، اهوئي اَنتِها آهي.

نہ دنيا هئي نہ عُقبيٰ هئي نہ ئي مخلوق خلقيل هئي،
مگر اول سين ڪان ئي، رسولِ مجتبيٰ آهي.

خدا خلقيو جهانن کي، رسولُ الله جي صدقي،
اهو ئي رحمتِ عالم، امامُ الانبياء آهي.

ذکر اذڪار سڀ فاني مُحمد جو ذڪر باقي،
سبب هي ٿيو جو خود الله، سندن ئي نعت خوان آهي.

صُبح سانجهي سدائين سڀ، پڙهو صلوات سيد تي،
سين وردن ڪان اعليٰ هي، وظيفو بي بها آهي.

قبر محشر ۽ دنيا ۾،مدد ڪنهن جي نہ ٿي گهرجي،
سهارو عبد جو هر دم رسولِ دوجهان آهي.

عبده عبدالوحيد سرهندي
ٽنڊو سائينداد



Marfat.com

# اِلتجا

بحضور پُر نور سرور ڪائنات مفخر موجودات صلي الله عليه وسلم

مون کي تُنهنجو ڪرم گُهرجي،ڪَرم ڪر يا رسولَ الله،
مون کي تُنهنجو فضل گهرجي فضل ڪر يا رسولَ الله.

مُنهنجا سائين اچو جلدي، مدد ڪريو مون عاجز جي،
نظر ڪريو مون تي جلدي، ڀَرم سان يا رسولَ الله.

وسيلو توسوا ناهي، وسيلو تي تون اي عربي،
ٻڌو فرياد منهنجو هيءُ، رحم سان يا رسولَ الله.

مُهابي اهل بيتن جي، طفيلي سڀ صحابن جي،
توجه ڪُل ڪريو مون تي، ڪرم سان يا رسولَ الله.

شريعت تي عمل گهرجي، طريقت جو سبق گهرجي،
عنايت جي نظر گهرجي، مهر سان يا رسولَ الله.

غلاميءَ جو شرف بخشو، سدا هن عبد عاجز کي،
ٿين مقصد سڀئي پورا، لطف سان يا رسولَ الله.

عبده عبدالوحيد سرهندي عفي عنہ
ٽنڊو سائينداد



Marfat.com

# نعت شريف

اسان جو پاڪ پيغمبر، مُحمد سرورِ عالم،
اسان جو شافعِ محشر، مُحمد سرورِ عالم،

ڪري معِراج جسماني، ويا عرشِ مُعليٰ تي،
ملين اختيار رحماني، محمد سرور عالم.

خدا جي پاڪ هستيءَ جو، ٿيو ديدار عربيءَ کي،
آهي محبوب سُبحاني، محمد سرور عالم.

عطا تي ڪين سرداري، نبين ۽ رسولن جي،
اهو اعزاز رباني محمد سرور عالم.

خدا جي مهرباني ٿي، مُهابي مير مرسل جي،
مليو هي دين لاثاني محمد سرورِ عالم.

نوازش جي نظر گهرجي سدا هن عبد عاجز کي،
ڪندو احسان سُلطاني محمد سرور عالم.

عبدالوحيد سرهندي عفي عنہ
ٽنڊو سائينداد



Marfat.com

# نعت شريف

ﺗُﻨﻬﻨﺠﻮ ﻧﻮﺭ ﺍﻧﻮﺭ ﻫﻮ ﻧِﻘﺎﺑﻦ ﺟﻲ ﻭﭺ ۾،
ﺧﺪﺍ ﭘﺎڻ ﺧﻠﻘﻴﻮ، ﺣِﺠﺎﺑﻦ ﺟﻲ ﻭﭺ ۾.

اها ڳالهه مذڪور حديثن ۾ آهي،
وَڏي معتبر ٿي ڪتابن جي وچ ۾.

انهيءَ نور انور مان ٿي تخليق ساري،
خدا جي خدائي هئي، رازن جي وچ ۾.

تنهنجو ذِڪر اعليٰ سين ڪان ٿي آهي،
لڪيل هيَ بيانُ ٿيو، سيپارن جي وچ ۾.

وظيفو اسان جو صبح شام آهي،
توهان جو ٿي نالو صلواتن جي وچ ۾.

مَدح مُصطفيٰ جي هڪ اعزاز آهي،
مِليو عبد کي هي غلامن جي وچ ۾.

عبدالوحيد سرهندي
ٽنڊو سائينداد



Marfat.com

## سرور ڪائنات صلي الله عليہ وسلم
### جي دربار اقدس ۾ هديه صلواة و سلام

مصطفيٰ مجتبيٰ تي صلواتون سلام،
مبتديٰ منتهيٰ تي صلواتون سلام.

سيدالانبياء تي صلواتون سلام،
زينةُ الاصفياء تي صلواتون سلام.

جنهن جي آمد سان ٿي وٺي گهڻي روشني،
اُن جي آمد عُليٰ تي صلواتون سلام.

جنهن جي رحمت سان ڪَونُ و مَڪان آهي،
اُن جي رحمت عُليٰ تي صلواتون سلام.

آهي جنهن جي نگاه ڪرم سڀ تي،
اُن جي نوري نگاه تي صَلواتون سلام.

آهي جنهن جي سخاء ۽ عطا سڀ تي،
اُن جي جُودوسخا تي صلواتون سلام.

تنهنجي هر هڪ ادا ٿي خدا کي وڻي،
اُن ادا با وفا تي صلواتون سلام.

تنهنجي هر هڪ رضا ٿي خدا کي وڻي،
اُن رضا پُر ضيا تي صلواتون سلام.

سبز گنبد ۾ جيڪو سَڪين آهي،
اُن خيرالوريٰ تي صلواتون سلام.



Marfat.com

سـر زمين عـرب جي جنهن مـقـدس كئي،
أن نـورالـهُديٰ تـي صـلـواتـون ســـــلام.

صدق ۾ تـيـو صـديق سـين كـان مـتي،
أن صـاحب تُقيٰ(۱) تي صـلاوتون سـلام.

عـدل ۾ تـيـو فـاروق سـين كـان مـتي،
أن صـاحب نُهيٰ(۲) تي صلواتون سـلام.

با ادب باحـيـا تـيـو عـثـمـانِ غني،
أن جي ادب و حـيـا تي صلواتون سلام.

شـيرِ يزدان عَلي تـيـو سـين جو ولي،
أن جي همت عُليٰ تي صلواتون سـلام.

اهل بيـتن جو جيكـو امـام آهي،
أن حـسـن مـجـتـبيٰ تي صلواتون سـلام.

سـيـدُ الشُهـدأء كـان تـيـو راضي نبي،
أن حـسين مُرتضيٰ تي صلواتون سـلام.

صـالحن صـديقـين ۽ شـهـيـدن مـتي،
أن جي نسـبتِ عُليٰ تي صلواتون سـلام.

"عـبـد" كي عـربي جي هي غلامي ملي،
أن جي خدمت عُليٰ تي صلواتون سـلاَم.

عبدالوحيد سرهندي عفي عنہ
تنڊو سائينداد



(۱) پرهيزگار (۲) عقلمند

Marfat.com

# نعت شريف

## هديہ صلواة و سلام

يا محـمـدُ مُصطفيٰ توتي صلواتون ۽ سـلام،
يا حبيبِ كبريا، تُوتي صـلاتون ۽ سـلام.

رات ڏينهن شـام و سَحـر هر وقت ۽ هر هنڌ ۾،
منهنجي طرفـان هر مَهل، توتي صلواتون ۽ سلام.

حَق تعـاليٰ ۽ فـرشـتـا مـوكلن ٿـا هر زمـان،
يا رسـولِ مـجتـبيٰ توتي صلواتون ۽ سـلام.

حُكم آهي مـومن، هر دم پڙهن توتي صلوات،
دل جي عقيدت سان سدا، توتي صلواتون ۽ سلام.

دل جي صداقت سان سدا مؤمن پڙهن ٿا هر زمان،
يا شـفـيَع الـمُذنبِين، توتي صلواتون ۽ سـلام.

صَاحب لولاکَ سـائين مـالک مُختـار كُل،
رحـمـةٌ للعٰلمين، توتي صلَواتون ۽ سـلام.

اعليٰ تـيـو تنهنجو ذكر ۽ خاص تنهنجي شان ۾،
كـولي پڙهو قـرآن کَي توتي صلواتون ۽ سـلام.

تنهنجي شـفـاعت عـام ٿي آهي سين اُمـيـد هي،
بخشـجي ويندا سيـئي، توتي صلواتون ۽ سـلام.

84438



Marfat.com

نُور تنهنجي مان خدا پيدا ڪيا سارا جهان،
ناهين مِثل تون ڪنهن بشر، توتي صلواتون ۽ سلام.

دربار رب جي ۾ سدا تنهنجو وسيلو ٿيا وڻون،
بي ڪسن جا پر جهلا، توتي صلواتون ۽ سلام.

مؤمنن ڪي ساهه ڪان ويجهو آهي عربي رسول،
فرمان ٿيو مالڪ جهان، توتي صلواتون ۽ سلام.

چئني صحابن تي سدا رحمت آهي رحمان جي،
۽ اهل بيتن تي سدا، توتي صلواتون ۽ سلام.

هر هڪ صحابي بي مثل، ثاني نه تن جو ڪو اصل،
۽ نيڪ اُمت تي سدا، توتي صلواتون ۽ سلام.

علم توکي سڀ عطا ڪيا رب پنهنجي فضل سان،
احسان ٿيو الله جو، توتي صلواتون ۽ سلام.

عرض آهي عبد جو، مون کي گهرائي مصطفيٰ،
مُلڪ پنهنجي ۾ سدا، توتي صلواتون ۽ سلام.

"عبده" عبدالوحيد سرهندي
ٽنڊو سائينداد



Marfat.com

# نعت شريف

وري تقدير منهنجي کي متايو يا رسولَ الله
وري مونکي مديني ڏي سڏايو يا رسولَ الله

منهنجي قسمت پلي تيندي آکين جي روشني وڌندي
زيارت ۽ سعادت لئي سڏايو يا رسولَ الله

ڏسي گنبذ مبارڪ کي خوشي مان دل ٺري پوندي
انهي ۽ ديدار سهڻي لئي سڏايو يارسولَ الله

مديني جي نظارن کي ڏسي راحت ملي پوندي
انهن نوري نظارن لئي سڏايو يارسولَ الله

توهان جي حاضري سان عبدؔ کي بخشش ملي پوندي
صلواتن ۽ سلامن لئي سڏايو يارسولَ الله

عبدالوحيد سرهندي عفي عنه
از درگاه مجدديه
ٽنڊو سائينداد ١١ ربيع اولال ١٤٣٠ھ
09-03-2009



Marfat.com

# نعت مُصطفیٰ

مُونکي مَدَنِي سَڏائِيندو، قَدمن ۾ رَهائيندو،

مُنهنجو مَانُ وَڌائِيندو، قَدمن ۾ رَهائيندو،

اِيمَان جِتان ملندو، عِرفَان جِتان مِلندو،

اُهو شهر گُهمَائِيندو، قَدمن ۾ رَهائيندو،

مُنهنجو ڀَاڳ ڀَلوڙِيندو، مُون تي ڪَرم ڪَرِيم ڪَندو،

روضو پَاڪ ڏيکاريندو، قَدمن ۾ رَهائيندو،

مُنهنجي دِل کي سُڪون ملندو، مُنهنجو رُوح بہ خُوش ٿِيندو،

پِنجروپَاڪ پَسَائِيندو، قَدمن ۾ رَهائِيندو،

هَر دَرد هَليو ويندو، آرامُ مِلي پَوندو،

رُخ پَاڪ ڏيکاريندو، قَدمن ۾ رَهائِيندو،

هئُ عبّد پُڪاريندو، توکي عَرضِ ڪَندو رَهندو،

سَڀ سُوال قبُولِيندو، قَدمن ۾ رَهائِيندو،

عبدالوحيد سرهندي عفي عنہ

ٽنڊو سائينداد



Marfat.com

# نعت شريف

(١)

شوق منهنجو آهي هر هر، يا شفيعَ المُذنبين،
تي رهي دِل منهنجي مُضطر. يا شفيعَ المذنِبين.

(٢)

کڍ نقاب از روءِ أنور يا شفيعَ المُذنبين.
ديده دل کر مُنور يا شفيعَ المُذنِبين.

(٣)

تشنهٔ ديدار کي سيراب کر بهر خدا.
مالکِ تسنيم و کَوثر يا شفيعَ المُذنِبين.

(٣)

نُور تنهنجي مان سين کي ٿي عطا جلوه گري،
واه تون خورشيد أنور يا شفيعَ المُذنِبين.

(۴)

جادهِ[١] ايمان تي منهنجو خاتمون ٿئي خير سان،
منهنجا هادي منهنجا رهبر يا شفيع المذنبين.

قاضي اسدالله شاه "فدا" ٺکراڻي



١. رستو ۽ واٽ

Marfat.com

# نعت شريف

(١)
كيـر فـخر المرسلين بيـو مـا سـوائي مُصطفيٰ،
كيـر روز حـشـر شـافع، تـيـو ورائي مُصطفيٰ.

(٢)
ڪنهن کي ٿيو قرب خدا، اهڙو سوائي مصطفيٰ،
عـرش فـرش مـصطفيٰ قـوسين جائي مـصطفيٰ.

(٣)
ڪنهن کي ٿي مُهر نبوت ما سوائي مصطفيٰ،
كيـر ٿـيـو ختم رسـالت مـاورائي مـصطفيٰ.

(٤)
ڏي مـون کي دارين ۾ يا رب بَرائي مـصطفيٰ،
ذوق عـشقِ مـصطفيٰ شـوقِ لقـائي مـصطفيٰ.

قاضي اسدالله شاهہ "فدا" ٽکڙائي
وسين ملوڪ شاهہ



Marfat.com

# نعت شريف

مَحــبــوب خدا مــونکي مــديني ۾ گــهُرائي، ديدار ڪرائي،
شــب روز جُدائــي تــي ســنــدم جان جلاتــي، ديــدار ڪــرائــي،

(۱)

هي آس اندر ۾ آهي تــيــان اچي حــاضــر، اي بنده پرور،
بدڪار کي هن بند مـــان جلدي تون ڇڏائي، ديدار ڪرائي.

(۲)

شب روز روئي راھ مديني جي نهاربان، هنجون هجر مان هاريان،
مشــتــاق کي مولا سِگهــو محــبــوب مِلائي، ديدار ڪرائي.

(۳)

ڪج مون تي شفاعت جي نظر آهيان گنهگار، اي سيد ابرار،
**حافظ** کي سڪرات جي سختي کان ڇڏائي، ديدار ڪرائي.

محمد حافظ شاھ نڪڙائي
وسين ملوڪ شاھ



Marfat.com

# نعت شريف

جُدائي ۾ حبيبن جي جَلي جِند جَان دل منهنجي،
ڪڏهن ملندا وري جاني سڪي سَاري ٿي دل منهنجي.

(١)

سڄڻ جي سهڻي صورت سان، نہ مٽ مهتاب ٿي سگهندو،
پسڻ خاطر پرينءَ جي ٿي رهي بي تاب دل منهنجي.

(٢)

عرض شام و صبح آهي صلاتن ۽ سلامن سان،
درودن ۽ دُعائن سان ڪري فرياد دل منهنجي.

(٣)

تون ٿي روشن شمع آهين، پتنگ وانگر ٿئي قربان،
سنڌئي قدمن مٿان صدقي سچا سردار دِل منهنجي.

(٤)

صدا **حافظ** جي آهي هي گهرايو جلد يثرب ۾،
ڪري ديدار روضي جو ٿئي شل شاد دل منهنجي.

محمد حافظ شاهہ ٽڪڙائي
وسين ملوڪ شاهہ



Marfat.com

# نعت شريف

مبارڪ صد مبارڪ آهي محبوبِ خدا آيو،
اسان عاصين گنهگارن لئي تي شافعَ وريٰ آيو.

(۱)
ڪيو روشن اچڻ سان جنهن زمين ۽ آسمانن کي،
اهو محبوب ربُ العالمين خيرالوريٰ آيو.

(۲)
ڪري تارن ڪيا سجدا نبيءَ جي نور جي سامهون،
ٿيا هر دُوجهان روشن نبيءَ نُورالهديٰ آيو.

(۳)
هلي جبرئيل امين آيو ڪرائڻ سير سيد کي،
شبِ معراج ۾ عرشِ علٰي تي مصطفيٰ آيو.

(۴)
جمڻ سان ڄام مرسل جي سُڪا وڻ ٿي ويا ساوا،
ٽڙيا گلزار ۾ گل ڦُل حبيبِ ڪبريا آيو.

(۵)
ڪلي خوشبوءِ ڪٿوري جي هلي هر هنڌ سَا هبڪار،
نہ ٿي حافظ ڪڏهن غمگين اجهو شافع وريٰ آيو.

محمد حافظ شاهہ ٽڪڙائي وسين ملوڪ شاهہ



Marfat.com

# نعت شريف

محشر ۾ موٽ مرسل، واهر تي مون ولهيءَ سان.
هيڪر هلان مديني، ڪر مهر مون ڏليءَ سان.

(١)
عيبن ڪان آجي ناهيان، در تنهنجي عاصي آهيان،
چانئٺ چمڻ تي چاهيان، ڪر ڀال مون ڀُليءَ سان.

(٢)
محبوب تون سبحاني، رحمان جو تون جاني،
تنهنجو نہ ڪوني ثاني، ڏڍ ڏيج مون ڏُلهيءَ سان.

(٣)
سانديان سدا تہ سڪ تي، هر دم هنئين ڪي ڇڪ تي،
قسمت منهنجيءَجي ڇُڪ تي، ڪر رحم مون رُليءَ سان.

(٤)
دل ساڻ دانهن ڪريان تي، شب روز مان رڙان تي،
"مهجور" جو تي ساتي، ڪوثر پيان عليءَ سان.

سيد ميران محمد شاهہ ٽکڙائي
وسين ملوڪ شاهہ



Marfat.com

# نعت شريف

بَشر کان کيئن پُجي سگھندي ثنا ئي سرورِ عالم،
خدا خود ٿـو رهي مِدحت سَرائي سـرورِ عـالم.

(١)
لکيـن دنيـا اندر ٿـيـا انبـيـاء ۽ اوليـاء هادي،
مگر هکـڙو بہ ناهي کو بَجائي سـرورِ عـالم.

(٢)
شبِ مـعـراج ۾ مـوليٰ گـهـرائي مـيـر مـرسل کي،
ڏنـو رب عـرش اعليٰ تي لِقـاءِ سـرورِ عـالم.

(٣)
نہ ان کي غم قيامت جو، نہ خطرو خُوف دوزخ جو،
رهي جو جان ۽ دل سـان فـدائي، سـرورِ عـالم.

(٤)
شـفـاعت کـج شَفـيعُ المذنبين مَحـشـر ۾ اُمت تي،
عـذابِ نار دوزخ کـان بچائي سـرورِ عـالم.

(٥)
سـکايل **سعيد** جي شـام و سـحر هي التجا آهي،
سگهـو مـون کي مـديني ڏي سـڏائي سرورِ عـالم.

محمد سعيد شاهہ تکڙائي وسين ملوک شاهہ



Marfat.com

# نعت شريف

يثــرب ڏي وڃي مــونکي هلو ســاڻ خدارا، او قــافلي وارا،
هيــکر مــان ڏســان شــال مــديني جا مُنارا، او قــافلي وارا.

(١)

هڪ پَل ۾ هلي شال مديني کي رسان مان، پنجري کي پسان مان،
فـرقت ۾ مـحـمـد جي سندم دل تي سـيـپارا، او قـافلي وارا.

(٢)

سـيني ۾ اٿم شـوق ڏسـان روضــه انور درگــاهِ پيــغمــبر،
دل کي تــا وڻن يثــرب جي گلشن جا نظارا، او قَــافلي وارا.

(٣)

پيــغام کجئين پيش هيءُ درگــاهـ نبي ۾، ســرکار نبيءُ ۾،
ديدار جي ســائل کي ســڏيو جلد پيــارا، او قــافلي وارا.

(٤)

شب و روز هجر ۾ روئي، ديدار جو ســائل، هي سعيد سکايل،
رســتي ۾ وســاري نـه وجو تنهن کي دلارا، او قــافلي وارا.

محمد سعيد شاهه ٽکڙائي
وسين ملوڪ شاهه



Marfat.com

# نعت شريف

ننهن ۽ چوٽي آئون خطا،
سرتا پا پاڻ عطا.

روح رحيم نہ تو مولىٰ،
سير نہ تي تني چشم ڪُشا.

جڳ مڳ، جڳ مڳ، جڳ سارو،
سرمون اڪ جو خاڪِ پا.

مؤمن ڪارڻ چانو چَپَر،
ڪافر جي لئي حرف دُعا.

آن جي در ڪان دور رهي،
جي بہ جيا، سي جاڙ جيا.

شرف حسينيءَ ڪي مليو،
ڪري اوهان جي مدح ثنا.

سيد امداد حُسيني
حيدرآباد



Marfat.com

# نعت شريف

لاالـــه الاالله، جي لات وٺـــي ٿـــي لـــولـــي،
دمَ دم دلَ ۾ ياد نبي اها ٻاجهـــ يـــري آهي ٻولي.

(١)
ڪي شان گهڻن توڪان مَانُ نبي، ڪي سُوپ گهڻن سلطان نبي،
ڪي داتا گهڻن توڪان دانُ نبي، مونکي گهوٽ بنايو گولي.

(٢)
ڪي فيض گهڻن ٿا فقيريءَ جو، ڪي امداد گهڻن ٿا اميريءَ جو،
ڪي پيغام گهڻن ٿا پيريءَ جو، آئون ڳونن ڳلين منجهه ڳولي.

(٣)
مون ڪي مهاجر ڪري تون مـار نبي، دوست رهائي دربار نبي،
دم دم ۾ رهي ديدار نبي، چمـــڪـــار انـدر چولـي.

(٤)
ڪي زر گهـڻن ٿـا زيب نبي، ڪي لاڳ گهـڻن لاريب نبي،
آئون گلشن گهران تو غيب نبي، لاهيو ڏک فراق جي ڏولي.

(٥)
زيارت گهري هي زينل تو، مـنـا ميـر مديني جا مرسل تو،
هـي پير پُڪـــاري پلپل پيـــوَ، اها هر هنڌ لايو هولي.

پير زين العابدين شاهه ، نورائي شريف



Marfat.com

# نعت شريف

اج تہ آڌي رات جو مونکي سهڻو سرور ياد پيو،
منهنجي ننڊ نيڻن جي ڦٽي مونکي هوت هر هر ياد پيو.

(١)
عشق ٻارڻ ٻاريا مون ماڳ مديني جا ساريا،
گهوڙا، آنون گهر ڪنين گهاريان مون کي گهوٽ گوهر يا پيو.

(٢)
مَاٻَين ٻيتي ساريان هر دم هنجون ويني هاريان،
پنجري لئي پلپل پڪاريان مون کي محراب منبر ياد پيو.

(٣)
سنڌ ٻر سڪندي ٿي مران، واحد گهرائي شل وران،
پاڙي تہ پرين ٻران، مونکي ڪيف ڪوثر ياد پيو.

(٤)
سر بسر ساڳي سُتَي مون هوت ڏنڙو هو هتي،
پنجرو پسان شل آنون اتي، مونکي جلوي جوهر ياد پيو.

(٥)
منجهہ سُتي سَپني وري، ديدار ڪيڙي دل چري،
منهنجي آڳ اندر تي ٻري، مونکي رات رهبر ياد پيو.

(٦)
هن ضعيف زينل کي سڏي، گهايل وتو گولو گڏي،
هي چورو نہ ڏيو دلبر چڏي، جنهن کي محب منور ياد پيو.

زين العابدين شاه
نورائي شريف



Marfat.com

# نعت شريف

محبوب جي محفل ۾ ڪيڏو نہ مزو آهي،
هڪ نعت حبيبن جي سڀ درد ڇڏي لاهي،

ڇا بخت هنن جو آ، آيا جي هتي آهن،
هيءُ گهر خدا جي آ، هتي زور ڪنهنجو ناهي.

رب پاڪ تني راضي، جنهن پنهنجي ٻانهي ڪان،
اُن بندي ڪي مولىٰ، اِت يار تسو ڪوناني.

ڪُل عاشق هت ايندا، غدار جو ڪم ناهي،
بس پاڪ غذا ڪَي ٿي، تو پاڪ جسم ڪائي.

ڪيڏو نہ منو نالو آ، سرڪار مدينہ جو،
هر عاشق اَکين مان پيو، نير ٻڌي وهائي.

ڪيڏي نہ ڪشش آهي اي پير ذڪر هن ۾،
پروانا اچن پيا ٿا، ڪاٿنون جو ڪٿنون ڪاهي.

پير غلام جيلاني شاهہ
نورائي شريف



Marfat.com

# نعت شريف

آرزو آ، مـــوت تنهنجي منجهـــ قـــدمن تي وجي،
تنهنجي چهري جو صبح صادق سان درشن تي وجي.

(۱)

ساهہ منهنجي ۾ سمايل، شهد شربت جان هُجين،
جسم ســـارو مـــيت، اِن مـــاڪيءَ جو برتن تي وجي.

(۲)

جي پَٽيان سامهون هُجين، جي پوريان توکي پسان،
رات ساري بسر تنهنجي، منجهہ خوابن تي وجي.

(۳)

تنهنجي عـــزمت کي ڏسڻ، چاهيـــان اچان بالا بُلند،
تنهنجو خادم هاڻ هرڪو، مـــرد ۽ زن تي وجي.

(۴)

پير جي اکـــين اندر، اوطاق پنهنجي ڪر اچي،
تون روح تي مان جسم ٿيان، اهڙو هي تن من تي وجي.

پير غلام جيلاني شاهہ
نوراڻي شريف



Marfat.com

# نعت شريف

رســـــولُ الله جي ســــاراهہ ۾ آهي زبان صـــــدقي،
زمين صدقي، زمان صـدقي ۽ منهنجو جسم جان صـدقي.

سندن گــفــتــار جي گــوهر مَـثـان دُرِ عــدن صــدقي،
سندن رفــتــار خوش اطوار تان ســارو جهــان صـدقي.

لبن لعلن مَـثـــان ياقــوت گــوهر لعل سپ صــدقي،
تــيــو آمــاهِ نوراني مُبــارڪ منهن مــثــان صــدقي.

توهان جي عـشق ۾ ناظم رهي تــو سَيَدا صــدقي،
ڪيــو اُن تي نگاهِ لطف رب مِـهـربان صــدقي.

مولانا محمد ابراهيم ناظم
ڳڙهي ياسين



Marfat.com

# نعت شريف

رَسـولُ الله جو روضـو ڏيکاريندم منـو مـوليٰ،
۽ پاڻي کـوه زمـزم جو پيـاريندم مِنـو مـوليٰ.

(۱)
چُمي چائنڻ پيغمبر جي سعادت شل کندس حاصل،
مُنل دِل آه جا منهنجي جيـاريندم مـنـو مـوليٰ.

(۲)
حَرم حضرت جو تہ ساريان نمازون شل اتي پڙهندس،
محـبت مـصطفيٰ جي خاص ڏياريندم مـنـو مـوليٰ.

(۳)
مديني جي گهٽين جون جي بہ ديواريون تنئين چمندس،
بقيع جو، جو مُقـام آهي گهمـائيندم مـنو موليٰ.

(۴)
رونيندس مان سچي سردار جي روضي اڳيان هر هر،
ادب سـردار جا حـاصل کرائيندم مـنـو مـوليٰ.

(۵)
**ديهاتي** کي سدائيـن آسـرو سَيـدَ سـچي بہ هيءُ،
مـرڻ جي ويل کلمي سـان اُمـاڻيندم مـنـو مـوليٰ.

مولوي قاضي نظر محمد سومرو "ديهاتي"
ديهات شريف – کنديارو



Marfat.com

# نعت شريف

مون کي ٻيو ڪو نہ ٿو گهرجي سوا تو يا رسولَ الله،
گهران ٿو توکان ٿي تنهنجو مُهابو يا رسولَ الله.

(١)

پُڪاريان ٿو توکي پلپل، ڦٽي آهي فِراقن دل،
جُدا توکان ٿيڻ مشڪل، جياپو يا رسولَ الله.

(٢)

تڪيندي تنهنجي محفل کي، لنگهي ويا سال سائل کي،
اچي ڏي کو ڦٽيل دل کي، دلاسو يا رسول الله.

(٣)

سدا سڪ آهي سيني ۾، مَران شل مان مديني ۾،
مونکيِ حج جي مهيني ۾، گهرايو يا رسولَ الله.

(٤)

عزيز آهي سدا عاصي، تنهنجي ديدار جو پياسي،
مُدامي تنهنجو ميراسي، ثناگو يا رسولَ الله.

عبدالعزيز "عزيز" ابڙو
پيارو واهڻ-ڏوڪري



Marfat.com

# نعت شريف

مُنور ٿي ويو عالم، ٿيو نورِ خدا پيدا،
قريشي هاشمي سيد، محمد مصطفيٰ پيدا.

سَرِ تسليم خم، حور و ملڪ جنُ و بَشر آهن،
ڇيو فِطرت تہ اڳ اهڙو نہ ٿيو آ پيشوا پيدا.

رِسالت جنهن تي شيدا ۽ نبوت جان فدا جنهن تي،
مُبارڪ سو ٿيو دنيا ۾ خَتَمُ الانبياء پيدا.

خدا جو عرش اعظم هن زمين تان ٿو ٿني صدقي،
جو عبدالله جي گهر ٿيو حبيبِ ڪبريا پيدا.

مُبارڪ صد مبارڪ بانيءِ صَد انقلاب آيو،
قدم جنهن جي سان ٿي ويو فيضِ قُدرت جا بَجَا پيدا.

مٽايو فرق جنهن آهي فقيري ۽ اميريءَ جو،
اُخُوت جو علمبردار ٿي ويو مَرحبا پيدا.

گداگر جنهن جي دَر جا بادشاهن ڪان ٿيا بهتر،
ڏني جنهن دين جي دولت، ٿيو سو دِلربا پيدا.

اثرَ اُيري پيا آهن هزارين آسرا دل ۾،
ٿيو امت جي آڌر شافعِ روز جزا پيدا.

عبدالله "اثر"

پيڙو چانديو لاڙڪاڻہ



Marfat.com

# نعت شريف

منهنجو مصطفيٰ پاڪ پڌرو لکن ۾،
جيئن گل گلابي آ سهڻو گلن ۾.
حشر ويل هوندا سوين راڄ راڻا،
تنين مان محمد پري ڪان سڃاڻا.
هوندس چو ڪاري جو جهنڊو هٿن ۾.
ڪندو هر ڪو پنهنجي رڳي جان پُختي،
محمد ڪي من ۾ يا اُمتي يا اُمتي
اهڙيون سَوَ سچايون ڏيکاري ڏکن ۾،
جهنم ڪي جنهن ڏينهن هوندي موج مَستي،
اُنهي باهه ڪي ٻي هٽائي ڪا هستي،
ڪري پار ڪشتي آڻيندو امن ۾.
ڏُکن ۾ ڏولاون جي ڪا پرواه ناهي،
ضعيفن جو ضامن ڏيندو راه ٿاهي،
اچي پاڻ ٻيهندو سُو سَرور صِفن ۾.
شڪر ڪر مهيسر شفادار مَليو،
پڪو ساٿ ڏيندڙ وفادار مليو،
غلامِ نبي ٿي خوشي هر وطن ۾.

حاجي غلام نبي مهيسر ميهڙ



Marfat.com

# نعت شريف

حاجي وڃو ٿا حج تي روئي پيغام ڇئجو،
سڄ پيرا سِر جُهڪائي منهنجا سلام چئجو.

(١)
بدڪار آهيان بُڇڙو، رحمت رسول ڪر تون،
ڪر معاف تون مدايون شفقت رسول ڪر تون،
آهي سدائين لب تي هر وار نام چئجو.

(٢)
حُب آ حضور مونکي هيڪر اچان مديني،
يا مصطفيٰ منارا تنهنجا ڏسان مديني،
سنڌ ۾ نه آهي مونکي، ڪوئي آرام چئجو.

(٣)
**درگاهي** ڇئي ديوانو آهيان تنهنجي سهاري،
هيڪر اچان مديني پلپل پيو پڪاري،
روهڙيءَ ۾ پيو گذاري غم ۾ غلام چئجو.

درگاهي روهڙي شريف



Marfat.com

# نعت شريف

الاهي جلد قسمت كر مديني ڏي تون اچ ڪلهہ ۾،
محمد جي محبت جو جاڳايو جُوش ڪو دل ۾.

(١)

مَديني ڏي سفر ڪندي مَران شل مان مُسافر تي،
يلي لاشو رُلي منهنجو عرب جي پاڪ جهنگل ۾.

(٢)

وَڃي واڻون مديني جون ڪريان پنڌڙو پيادل تي،
وڻان پنندو فقيرن جيئن پايو ڪفني ڪتي ڳل ۾.

(٣)

عَرب جا مرون ڪائن لتون ڏئي لاش منهنجي ڪي،
مُلن ڪي ڇا ڪندو منهنجو نہ ڪمر ڪوئي ڪفن قل ۾.

(٤)

غلامِ رسول آهيان غمن ۾ هت پيو گهاريان،
مدينی لئي سکي منڙس عمر گذري تي جنجل ۾.

حاجي غلام رسول جتوئي
محراب پور ڏوڪري



Marfat.com

# نعت شريف

شانِ رسالت مولىٰ ڄاڻي ٻي کي طاقت ناهي،
مالڪ جو محبوب محمد ڪونهي ڪنهن کان دور،
نبي سائين نور آ، حق نبي سائين نور آ.
آئي ڄام محمد جي پيا پٿر پڙهن صلواتون،
مَلڪ فلڪ يي ڳائن دم دم نور نبيءَ جون نعتون،
اهڙي شان مبارڪ وارو آ حضرت پاڪ حضور،
نبي سائين نور آ، حق نبي سائين نور آ.
جڏهن پڙهون ٿا درود سچڻ تي پاڻ درود ٻُڌن ٿا،
روضي اطهر پاڪ منجهاران جلد جواب ڏين ٿا،
چو نہ چوان مان سهڻو محمد زنده آهي ضرور،
نبي سائين نور آ، حق نبي سائين نور آ.
حاضر ناظر منهنجو سائين حڪم خدا سان آهي،
اهلِ سنت وارو عقيدو يار اهوئي آهي،
تون نہ ڏسين ٿو تنهنجي آهي پاڻو اک جو قصور،
نبي سائين نور آ، حق نبي سائين نور آ.
سهڻي عربي ڄام جي آئي تي ويون سڀ سٺايون،
تون مان ويهي اُن محبوب جون نعتون اڄ ٿا ڳايون،
نثار کبر تيو جنهن جي صدقي ملڪن ۾ مشهور،
نبي سائين نور آ، حق نبي سائين نور آ.

نثار احمد کُبر
ڳوٺ صادق کبر- تعلقہ نري ميرواهہ



Marfat.com

# نعت شريف

اي قلم لک، باعث ايجاد عـــالم جي ثنا،
بانيءِ اسَـــلام ۽ سَـــالارِ اعظم جي ثنا.

سَيدُ الثقلين مـــحـــبـــوبِ خدا نُورالهُدي،
كاَشفِ سِرِ حـقـيـقت، راز مَـحـرم جي ثنا.

تي بيـــان، واَلشـــمس ۾ روءِ منور جي ثنا،
ڏس وري واَليلِ ۾ تون زلَف خم(١) خم جي ثنا.

خاتمِ مُهـــرِ نبـوت ۽ امـــامُ الانبـيـــاءِ
فـخرِ عَـيسيٰ فـخر مـوسيٰ فـخر آدم جي ثنا.

واَلضُحيٰ والفَجرِ ۾ يٰس طٰـــه شـــان ۾،
پڻ مُزمِلِ ۾ رسَـــولِ پاک اکرم جي ثنا.

يا خدا کر عشق احـمد جو عطا مجروح کي،
تا بَمحَشر پيو کري هو تنهنجي مرسل جي ثنا.

عزيزالله مجروح



(١) وَروارا وار مُبارک

Marfat.com

# نعت شريف

مان ڪريان قـُربان عربيءَ گهوٽ تان جند جان مال،
ڪونہ ٿيـو ثاني سندس جو آهي سـيـد بي مـثـال.

(١)
سِڪ اٿم سـيـنـي اندر مُرسل سندي ديدار جي،
جنهن سِوا هر هڪ جُدائي جي گهڙي آهي سال سال.

(٢)
مُحب مَدني ڪـان جُدا، منهنجو هتي جائي خُدا،
رهڻ ڏکـيـو ٿـو ٿـنـي ۽ زندگي آهي جنجال.

(٣)
هڪ دفعو زيارت ڪريان منڊي مُحمد مير جي،
تان لهي هي منهنجي دل جو دَردَ دک غم ۽ مـلال.

(٤)
يا خدا ڏي تون ٿمر، ڪريان مـديني ۾ مـان گهر،
تو اڳيان سائينَ سچا ڪجهہ ٻي نہ آهي هيءَ محال.

(٥)
لک اڳي احـسـان ڪيـا **قاضي** مـٿـان خيرالوريٰ،
جاءِ پيـراندي ڪـان ڏي زياده ڪري مـون تي هي پـال.

قاضي صاحب ماتلي



Marfat.com

# نعت شريف

سچا سرور پربن پرور، پيارا يا رسولَ الله،
وسيلا بي وسيلن جا، پلارا يا رسولَ الله.

(۱)
تنهنجي ڄاپڻ سان اي جاني، پگا سڀ ڪوٽ ڪُفراني،
وڳا هر سُو مسلماني، نغارا يا رسولَ الله.

(۲)
شفيع المذنبين حضرت، توکي الله ڏني نُصرت،
ملائڪ ڪن تنهنجي خدمت، دلارا يا رسولَ الله.

(۳)
ڏکي سرتاج لَولاڪي، ڪيو تو سير اَفلاڪي،
نہ جاٿان ڇا رهيو باقي، پلارا يا رسول الله.

(۴)
منا مشفق اڙبن آڌر، اُداسي دل چوي هر هر،
پسان تنهنجا اچي هيڪر، منارا يا رسول الله.

(۵)
نظامي تي نظر ڪريو، بنايو چاهہ ۾ چَريو،
پلئو اميد سان پريو، خدارا يا رسول الله.

غلام احمد نظامي ڪراچي



Marfat.com

# نعت شريف

زمـــاني جي پسنديده نظارن ۾ مـــحــــمـــد آ،
نمازِ عـــشق الفت جي اشـــارن ۾ مـــحــــمـــد آ.

رهي ٿـو قـرب جو ڪاڍو سدا محبوب مرسل سان،
جهـــانِ آرزو جي چنڊ تارن ۾ مـــحــــمـــد آ.

حــبيب ڪبـريا ســان رک صـداقت دائمــا دل ۾،
چون ٿـــا دردمندن صـــدق وارن ۾ مـــحــــمـــد آ.

لڳي ويو عشق جنهن کي مصطفيٰ جو، اُن کي ڪهڙو غم،
رهن غارن ۾ يارن ۾ ســـهـــارن ۾ مـــحــــمـــد آ.

ڏجون چو بحر دنيـا ڪـان جڏهن سـاٿي ٿـيـو پنهنجو،
ڪُنن ۾ ســيــر ۾ مــوجن، ڪنارن ۾ مـــحــــمـــد آ.

ڪيـو قـربان جن سـر سـاهہ آهي دين جي صـدقي،
اي "ســالم" تن مـحبن جان نثارن ۾ مـحــمــد آ.

محمد حسن "سالم" لاڪير
ميهڙ



Marfat.com

# نعت شريف

مَجي وني ذوم عــالمَ ۾، مُحــمــد مــصطفيٰ آيو،
پڙهو صَلِ عَليٰ خيــرُ البــشــر خيــرالوريٰ آيو.

شـريعت ختم ٿي جنهن تي، سـو خَتمُ الانبيـاء آيو،
اُجهـو ۽ آسـرو اُمت جو احـمـد مـجتـبيٰ آيو.

قيامت جو نہ کنهن کي خوف، هو گمراهہ هر کوئي،
هـدايت لاءِ هادي ٿي، اســان ڏي رهنمــا آيو.

هلي وئي ڪفر جي ظلمات، دنيـا ٿي سـجي روشن،
کــٽي جو شــمع ايمان خود نبي نور الُهــديٰ آيو.

چيو عـاصين اِجهو تـا پار پهچون بحرِ عـصيان جي،
گنهگارن جي ڪِشــتي جو جڏهن هيَ مُقــتـدا آيو.

خوشي هر دوسرا ۾ ٿي، سجي ڪَونُ وَمَڪان ۾ ٿي،
چئي خوش ٿئي ٿـو هر ڪو، زينتِ اَرض وَسـمـا آيو.

فـقط هڪ قـوم لئي آيو، نبي دنيـا ۾ بيـو هر ڪو،
مگر ســاري زمــاني لاءِ هڪ هي پيــشـوا آيو.

نواز آهي اها اُمــيــد، سڀ کي نيندو جنت ۾،
قــيـامت ۾ جڏهن هي شــافعِ روز جزا آيو.

نواز علي ناز



Marfat.com

# نعت شريف

آهي نبي اسان جو بيشڪ حيات يارو،
دل سان پڙهو متانئس، مڙني صلوات يارو.

محبتِ بنا محمد، اسلام ڪجهہ بہ ناهي،
ري حُبِ هاشمي جي، ناهي نجات يارو.

هتڙي بہ حامي آهي، سَڪرات ۾ بہ برَحق،
الله آهي شاهد بعد از مَمَات يارو.

نيڪن کي نيڪ عملن تي آسرو وليڪن،
احمد تي آسرو آ مڙني عُصات(1) يارو.

وس ڪان تيس مان بيوس منهنجو نہ وس اي يار،
تن ۾ مدام مرسل جي آهي تاتِ يارو.

**عبدالڪريم** عاشق جو ورد ۽ وظيفو،
صلوات جي سدائين وائيَ آ وات يارو.

مولوي عبدالڪريم ڪُهاڙو
لاڙڪاڻو



(١) گنهگارن

Marfat.com

# نعت شريف

يا رسـول الله تنهنجو جلوو هَر شـئي ۾ ڏسـان،
عرشن تي ۽ فرشن تي تنهنجي حڪومت ٿو پسان.

(١)

منتهيٰ طوبيٰ جي پَن پَن تي اسم تنهنجو لکيل،
خاڪ قـدمن پاڪ جي حـورن جي اکين ۾ پيل،
شـان بي پايان تنهنجي ۾ لاٿـو قـادر قـرآن.

(٢)

هَر ورق تـوراة ۾ تـنـهـنـجي ثـنـا ۽ نـعـت آ،
شـــاهدي انجيـل ۾ تـنـهـنجي نوراني ذات آ،
نور تنهنجي مـان نـهـيـا تارا ڪتيـون ۽ آسـمـان.

(٣)

روزِ محـشـر هوندي بُلند ڪرسي سـين ڪان شاهه جي،
پيـار مـان فـرمـائينديءِ ات ذات ائين الله جي،
جيئن وٺي تئين ڪر سڄڻ دفتر سارو تنهنجي اڳيان.

(٤)

يا شـفـيعَ المُذنبي ڪر باجهه شمسي جي مـٿان،
عـشق ۾ عـربي تنهنجي شَل دم ڏئي تو وٽ مـران،
مـرڻ ويلي ڪلمـون طيب ۽ صلواتون مـان پڙهان.

شمسي



Marfat.com

# نعت شريف

عرب تنهنجو مدني عجم تنهنجو مدني،
آهي لوح تنهنجو قلم تنهنجو مدني.

(١)
اشاري سان تنهنجي پٿر ترندي آيو،
شهادت جا ڪلمان پٿر پڙهندي آيو،
ادب سان شتر مست زمين چمندي آيو،
حيوانن پکين تي حڪم تنهنجو مدني.

(٢)
مولا جو مُلڪ سو ملڪ تنهنجو مدني،
ڪتيون ٽيڙون تارا فلڪ تنهنجو مدني،
خدا کان جدا ناهي پلڪ تنهنجو مدني،
همعصر نہ پائيان قسم تنهنجو مدني.

(٣)
تو بيت المقدس جي ڪئي پيشوائي،
دو عالم جي تو ڪئي رهنمائي،
ملڪن جنن کي تو تسبيح پڙهائي،
نبين سين تي قدم تنهنجو مدني.

(٤)
علم تنهنجو سرور خفي ۽ جلي آ،
دنيا آخرت ۾ مدني تو پلي آ،
ڪپي رحم تنهنجو ڪرم تنهنجو مدني،
تنهنجي در تي **شمسي** جهولي جهلي آ.

شمسي



Marfat.com

# نعت شريف

لک بار مبار امت کي سردار محمد آيو آ،
ميلاد ملهايو محبت سان مننار محمد آيو آ.

(١)

جنهن لاءِ سکياسون سال سوين،محبوب جا ٿيڙا ڀال سوين.
هر حال ۾ ٿيا خوشحال سوين، حُبدارمحمد آيو آ.

(٢)

احسان هزارين آب مليا، صد رحمت جا هت باب کليا،
هت عشق حسن جا حساب هليا، انوار مَحمد آيو آ.

(٣)

ٿي فرت نظير نيازن جي، کٽ رمزن جي کٽ رازن جي،
اڄ رات يلي شهبازن جي، سينگار محمد آيو آ.

ماستر نظير بلالي



Marfat.com

# فارسی نعتوں



Marfat.com

# مُناجَات بَابرَکَات

## از قلم قیوم جهان حضرت شاه صفی الله مجددي سرهندي قدس سره العزیز

الٰهی گرچه بدکارم عقوبت را سزاوارم

الاهي جيتوڻيڪ آئون بدڪار آهيان ۽ آئون (تنهنجي) سزا جي لائق آهيان

اُمید از حضرتت دارم توئی رحمٰن یاالله

(مگر) آئون تنهنجي ذات اقدس ۾ اميد رکان ٿو (ڇوته) تون ئي نهايت مهربان آهين ياالله.

نشد صوم و صلٰوة ازمن نه حج و نه زکوٰة ازمن

نه منهنجون نمازون ۽ روزا ٿيا نه منهنجو حج ۽ نه منهنجي زڪوٰة ٿي

نه سعی در ثبات ازمن بجز بطلان یاالله

مون نيڪيءَ جي ڪمن ۾ گناهن کان سواءِ عمل نه ڪيو يا الله.

من از حُسنِ عمل دورم بداغِ فسق ناسورم

آئون نيڪ عملن کان دور آهيان (۽) گناهن جي داغ سان ڦٽيل آهيان.

عیاں چوں قصر معمورم نہاں ویران یا اللہ

ظاهر ۾ محل وانگر خوبصورت آهيان ۽ اندر منهنجو ويران آهي يا الله.

به صورت شیخ صنعانم بمعنیٰ ننگ گبرانم

صورت ۾ شيخ صنعان وانگر آهيان ۽ اندر ۾ بي دين آهيان

نه راه کفر را دانم نه از ایمان یا الله

نه ڪفر جي راه ڄاڻان ٿو ۽ نه ايمان ڄاڻان ٿو يا الله.



Marfat.com

منم حادث قدیمی تو رمیمم من رحیمی تو
آئون حادث آهيان ۽ تون قديم آهين، آئون فاني آهيان ۽ تون رحيم آهين.

لئیمم من کریمی تو بہ صد برہان یا اللہ
آئون خراب آهيان ۽ تون سؤ دليلن سان سخي آهين يا الله.

بہ کردارِ خراب من بہ فعلِ ناصواب من
منهنجي خراب ڪردار ۽ منهنجي برن ڪمن جي ڪري تون مون تان

رُخِ احسان متاب از من توئی منان یا اللہ
پنهنجي احسان جو رُخ نہ مٽاءِ (ڇوتہ) تون ئي احسان ڪندڙ آهين يا الله

بروئی آل پیغمبر بکوئے کعبہ انور
اهلبيتن جي مُهاڙ، ڪعبہ انور جي رستي جي مُهاڙ

ز تقصیرات من بگذر بہ این و آن یا اللہ
منهنجا اڳيان ۽ پويان گناہ معاف ڪر يا الله

بہ صدیق و عمر عادل بہ عثمان و علی عامل
صديق اڪبر، فاروق اعظم، عثمان غني علي شيرِ خدا جي واسطي.

عیاں کن با منِ جاہل رہ عرفان یا اللہ
مون جاهل لاءِ عرفان جي راہ ظاهر ڪر يا الله.

بہ وقت نزع من بارے بہ عشق خویش کن یارے
هن جهان مان رخصت وقت تون پنهنجي محبت سان منهنجي مدد ڪر

مرا بے شوق نہ گذاری دراں آوان یا اللہ
مون کي ان وقت بنان محبت جي اُتان نہ لنگهائجين يا الله.



Marfat.com

چوں سکراتم قریب آید اگر لطفے کنی شاید
جڏهن منهنجي سڪرات قريب اچي تون جيڪڏهن پنهنجو لطف ڪندين،

مرا بوئے حبیب آید زعربستان یا اللہ
ته مون کي تهنجي حبيب ڪريم جي خوشبوءِ عربستان مان اچي سگهي ٿي يا الله.

دراں حالت ثباتم دہ برات حسن خاتم دہ
انهيءَ حالت ۾ مون کي ثابت قدمي عطا ڪر ۽ منهنجو خاتمو بالخير ڪر،

زگنج خود زکواتم دہ زر ایمان یا اللہ
تون مون کي پنهنجي خزاني مان ايمان جي زڪواة ڏي يا الله.

زبعد مُردنم خویشاں زن و فرزند دل ریشاں
منهنجي فوت ٿيڻ کان پوءِ منهنجي گهر واري ۽ فرزند ڏکويل هوندا،

بنالند ساعتے ایشاں چوں غم کیشان یا اللہ
۽ ڪجهه وقت اهي گهڻي ڏک کان روئيندا يا الله.

پس آنکہ حیلہ پردازند بتکفینم ہنر بازند
ان کان پوءِ اهي مون کي ڪفن ڍڪائي

بگورستان رواں سازند مرا اینان یا اللہ
قبرستان ڏانهن کڻي ويندا يا الله.

بہ قبر من فرود آرند بخاک تیرہ بسپارند
اهي مون کي قبر ۾ داخل ڪندا ۽ مٽيءَ جي حوالي ڪندا،

بہ تنہائیم بگذارند در آں زنداں یا اللہ
اهي مون کي ان وقت اڪيلو قيد ۾ ڇڏيندا يا الله



Marfat.com

زِ منکر و از نکیرِ من بفریاد و نفیرِ ن

منڪر ۽ نڪير جي اچڻ وقت آءٌ تو کي سڏيندس

تو باشی دستگیرِ من بهرِ عنوان یا الله

تون هر طرح سان منهنجي مدد ڪجئين يا الله .

به حشرم چوں بر انگیزی به جسم و جاں در آویزی

حشر جي ڏينهن جڏهن تون مون کي جسم ۽ جان سان اٿاريندين ،

مرا از لطف نامیزی بمغضوبان یا الله

مون کي تون پنهنجي لطف سان غضب ڪيلن سان نه گڏ جئين يا الله .

من از اندیشهٔ آں دم به گردابِ غم افتادم

انهيءَ وقت جي پريشاني جي ڪري آءٌ غمن جي ڪُنن ۾ ٻيل آهيان ،

زعمرِ خویش ناشادم اجل خواهاں یا الله

حياتي پنهنجي کان آءٌ ڪان آهيان (۽) موت گهران ٿو يا الله .

ولی مشکل بود آں دم که گر صد مرگ را خوانم

پر ان وقت مشڪل هوندو ، جيتوڻيڪ سؤ موتن کي سڏيان ،

خلاصی نیست از آنم بهیچ عنوان یا الله

پر انهيءَ مان ڪنهن به طريقي سان جند نه ٿو ڇڏائي سگهان يا الله .

مگر لطفت شود شامل به ایں فرسوده مشت گل

مگر جيڪڏهن هن عاجز کي توهان جو لطف شامل حال ٿئي ،

که آید بر لب ساحل ازاں طوفان یا الله

ته آءٌ انَ طوفان کان ڪناري تي اچي سگهان تو يا الله .



Marfat.com

دراں وادی چوں درمانم کنی دشوار آسانم

انهيءَ واديءَ ۾ جڏهن آئون پريشان هوندس تون ئي منهنجي مشڪل کي آسان ڪر،

کشی برلوحِ عصیانم خطِ غفران یا اللہ

(۽ تون) منهنجي بري اعمالنامي تي بخشش جو قلم ملاءِ يا الله.

صفی کو زشت کردار است بہ بخشایش سزاوار است

صفي جيتوڻيڪ گنهگار آهي پر بخشش جو اميدوار آهي،

ترا از جاں طلبگار است بہ دل جویان یا اللہ

توکي جان ۽ دل سان (هروقت) ڳوليندڙ آهي يا الله.

از قلم حضرت قیوم جہاں قدس سرہ

هي مناجات حضرت قيوم جهان قدس سره جي چيل آهي.

۽ ترجمو ڪندڙ: فقير عبدالوحيد سرهندي آهي.

02.08.1999



Marfat.com

# نعت شریف

الهيٰ از کـرم گـویاني مـدحش کن زبانم را،
بفضل و رحمتت شایان قربش کن بیانم را.

زجام بادهٔ شـوقش چنانم از خودي برهان،
نیابد هیچ جا کس همچو عنقا آشیانم را.

براوج نعت پردازي عطا کُن برق پروازي،
کـه در جولانِ توصیفش نگیرد کس عنانم را.

زنور اقدسِ مدح و ثنائي شاهِ او ادنيٰ،
بزیر چرخ تابان کُن چون خورشید این بَیانم را.

ز توصیفِ شهنشاهِ دوعالم احمدﷺ مرسل،
سُرور سینہ ام رابخش و شیرین کُن زبانم را.

چنان مَحو جمالش کُن کہ درخود گم کنم خودرا،
شوم معدوم در هستي نیابد کس نشانم را.

دل از من برد فضل این مصرعہ صادق کہ میگوید،
خداوندا بکن گـویا بنعت او زبانم را.

حضرت خواجہ فضل الله جان
سرهندي قدس سره



Marfat.com

# نعت شريف

زاو صاف مدينه هرچه گويم قطره از دريا است،
عفاف آنجا كفاف آنجا صلواة آنجا زكواة آنجا.

خداوند عطا كن بنده خودرا بفضل خود،
قيام آنجا مقام آنجا حيات آنجا ممات آنجا.

اگر خواهي كه بيني جنت الماوي دراين عالم،
نشين در روضهء اطهر بخواه از حق نجات آنجا.

حضرت خواجه محمد حسن جان
سرهندي قدس سره
تندو سائينداد



Marfat.com

# نعت شریف

بہ جناب سرور انبیاء برسان صبا تو سلام من،
بہ هزار عجز و ادب ادا بنمائي غرض پیام من،

کہ بہ شام هجر تو سوختم چہ شود بلطف کرم اگر،
بہ ضیائے مهر وصال خودبکني چون صبح تو شام من.

همه وقت درهمه جا روم زپئے تو سید انبیاء،
من مقتدي بقفائے تو توئي مقتدا وامام من،

بہ سواد روضہ انورت شود چون دیده مکحلم،
بہ یقین کہ گردش آسمان گردد بحسب مرام من.

اي جناب جمع سگان خود بشماریم اگر از کرم،
بہ خدا کہ کار جهان همه بشود بحکم وبکام من،

بہ نماز یاد دو ابرویت بنمائیم بشود ادا،
چہ رکوع من چہ سجود من چہ قعود من چہ قیام من.

چون بهر طرف نظر افگنم نبود بجز تو مقابلم،
بہ یمین و من بہ یسار من بہ قفائے من بہ قدام من،

اگراین بود کہ نہ لانقم کہ بہ یُقظہ رَو بَنُمائیم،
بہ کمال لطف و کرم شهے من شبے بہ منام من.

حضرت خواجہ عبدالباقي جان
سرهندي قدس سره



Marfat.com

## نعت شریف

سجدہ گاہِ قدسیاں از خاک آدم ساختند
در سرشتش نورِ احمد را بپنہاں ساختند

یار غار مصطفٰے صدیق اکبر گشتہ است
حضرت فاروق را فتاح عادل ساختہ است

معدنِ جود و حیا را زیب عثمان کردہ اند
ساقی کوثر بمحشر شاہِ مرداں ساختند

بندۂ قدوس را در روزِ محشر غم مباد
چوں شفیع المذنبیں سالار محشر ساختند

حضرت خواجہ عبدالقدوس جان سرھندی مجددی
المعروف بہ حضرت شیریں جان
قدس سرہ العزیز
ٹنڈہ محمد خان



Marfat.com

## رباعی

بصورت تو نگار دگر شنیدہ نشد
بقامت تو دراین باغ سرو دیدہ نشد
ز کلک صنعت حق یا محمد عربی
مثال ذات شریف تو آفریدہ نشد

## قطعہ

ابوبکر است چوں عرش معظم
عمر با وسعت کرسی است ہمدم
نباشد کلک عثمان از قلم کم
علی بر نسخۂ لوح است اعلم
ببین کایں چار تن ہستند باہم
بیک جسم و بیک روح و بیک دم

## قطعہ

صدّیق جلوہ ریز جمالِ محمّد
فاروق پردہ دار جلالِ محمّد
عثمان حیا پذیر خصالِ محمّد
حیدر مقیم بزمِ کمالِ محمّد

فیض الرحم



Marfat.com

Marfat.com

بسم الله الرحمن الرحيم

# نعتِ مصطفیٰ ﷺ مشتمل دعا

مُونکي مَدِني سَڏائيندو، قَدمن ۾ رَهائيندو.
مُنهنجو مانُ وَڌائيندو، قَدمن ۾ رَهائيندو.

اِيمان جِتان ملندو، عِرفان جِتان مِلندو،
اُهو شهر گهمائيندو، قَدمن ۾ رَهائيندو.

مُنهنجو پاڳ پلو ٿيندو، مُون تي ڪرم ڪريم ڪندو،
روضو پاڪ ڏيکاريندو، قدمن ۾ رَهائيندو.

مُنهنجي دِل کي سُڪُون ملندو، مُنهنجو رُوح بہ خُوش ٿيندو،
پِنجرو پاڪ پسائيندو، قَدمن ۾ رَهائيندو.

هَر دَرد هَليو ويندو، آرامُ مِلي پوندو،
رُخ پاڪ ڏيکاريندو، قَدمن ۾ رَهائيندو.

مِي عبد پُڪاريندو، تو کي عرض ڪندو رهندو،
سَڀ سُوال قَبُوليندو، قَدمن ۾ رَهائيندو.

عبدہٗ عبدالوحيد سرهندي عفي عنہ

Printed By: Ilmi Kitab Ghar

Marfat.com